SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 2002

سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV جي دفعه 20 جي ترميم
Amendment of section 20 of Sindh Act XXIV and XXV of 1972

3. 1996 جي سنڌ ايڪٽ III، IV ۽ V جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of Sindh Act III, IV and V of 1996

4. 1986 جي سنڌ ايڪٽ XI جي ترميم
Amendment of Sindh Act XI of 1986

5. 2001 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2001

سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 2002
سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[22 جون 2002]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ موجود يونيورسٽين سان لاڳاپيل ڪجهہ قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ موجود يونيورسٽين سان لاڳاپيل ڪجهہ قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2. سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ ۽ ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 جي دفعہ 20 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن "هر سال تاريخن تي ۽ پيرا" لاءِ لفظ "تاريخ تي هر سال هڪ دفعو" متبادل ٿيندا.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV جي دفعہ 20 جي ترميم

Amendment of section 20 of Sindh Act XXIV and XXV of 1972

3. اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977، سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ، 1977 ۽ قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي نوابشاهہ ايڪٽ، 1996 جي دفعہ 13 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن "هر سال تاريخن تي ۽ پيرا" لاءِ لفظ "تاريخ تي هر سال هڪ دفعو" متبادل ٿيندا.

1996 جي سنڌ ايڪٽ III، IV ۽ V جي دفعہ 13 جي ترميم

Amendment of section 13 of Sindh Act III, IV and V of 1996

4. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ايڪٽ، 1986 جي دفعہ 21 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن "هر سال تاريخن تي ۽ پيرا" لاءِ لفظ "تاريخ تي هر سال هڪ دفعو" متبادل ٿيندا.

1986 جي سنڌ ايڪٽ XI جي ترميم

Amendment of Sindh Act XI of 1986

5. لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڈ هيلٿ سائنسز آرڊيننس، 2000 جي دفعہ 22 جي ذيلي دفعہ (4) ۾، لفظن

2001 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي

"هر سال تاريخن تي ٻہ پيرا" لاءِ لفظ "تاريخ تي هر سال هڪ دفعو" متبادل ٿيندا.	ترميم Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2001
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي	